# ١٣. گُل ڪلايون اڱڻ ۾

## پڙهو، سمجهو ۽ ڳايو.



اڄ تہ ملي ڪري، هڪ باغ بڻايون اَڱڻ ۾،
ٻوٽو ٻوٽو پنهنجي هٿن سان، پاڻ لڳايون اَڱڻ ۾.

سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا، هرڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي
چو نہ اڄ پنهنجي سوچ ملائي، جوت جڳايون اڱڻ ۾.

وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري اُن ڳالھ کي سمجهون،
تہ ۾ مون ۾ هڪ ئي رب آ، چو نہ ويڇو وڃايون اڱڻ ۾.

هل تہ هلون گڏجي گولهيون ڪي، منظر رات سهانيءَ جا،
چو نہ سفر کي سهڻو بڻائي، جُهول جُهلايون اڱڻ ۾.

چو ”نردوش“ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌياري جو،
چو نہ اَڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گُل ڪلايون اڱڻ ۾.

### نوان لفظ:

تڪڻ = ڏسڻ | وِيڇو = دوُري، فاصلو | منظر = نظارا | ٻوٽو ٻارڻ = سنو ڪم ڪرڻ.

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اڱڻ ۾ جوت ڪڏهن جڳندي؟
٢) ڪوي گڏجي ڇا ڳولهڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) ڪنهن جو ذڪر ڪوي نٿو ڪرڻ چاهي؟

**سوال ٢: هيٺين سٽن جي معنيٰ لکو:-**

١) وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري ان ڳالھ کي سمجهوُن،
تون ۾ موُن ۾ هڪ ئي رب آ، چو نہ ويڇو وڃايوُن اڱڻ ۾.
٢) چو ’نردوش‘ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌيا ري جو،
چو نہ اڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گل ڪلايوُن اڱڻ ۾.

**سوال ۳: بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ۱) سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا | جهول جُهلايون اڱڻ ۾، |
| ۲) چو نہ اَچ پنهنجي سوچ ملائي | هر ڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي |
| ۳) هل تو هلوُن ڳڏجي ڳولهيون ڪي، | جوت جڳايون اڱڻ ۾ |
| ۴) چو نہ سفر ڪي سهڻو ٻڻائي | منظر رات سُهاني ءَ جا |

## پورڪ اَڀياس

**شعر - بند تي مشغوليون**

سوچيندي سوچيندي .......... جهوُل جُهلايون اَڱڻ ۾

**(i) هيٺ جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون لکو:-**

۱) سيني ۾ هڪ ئي ايشور آهي.

۲) ياترا وٹندڙ بڻايو.

۳) اَچو تہ پيد پاءُ متايون.

۴) سوچ ويچار ۾ چڱو عرصو گذري ويو.

**(ii) ليڪ ڏنل لفظ بدران برئڪيٽ مان مناسب جواب چوندي جملو وري لکو:-**


۱) هرڪو ئي هڪ ٻي ڏي تڪي (نهاري، سڏي، ڏئي)

۲) منظر رات سهاني جا (چتر، نظارا، تارا)

۳) جوت جڳايون اڱڻ ۾ (پڌر، ڪمرو، ڇت)

۴) وقت ملڻ جو آيو آهي (سَمو، ڏينهن، سال)

**(iii) مثال موجب گول پريو:-**




**(iv) 'ڏياري' وشيہ تي مضمون لکو.**

**(۲) 'سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا.' اِن سٽ ۾ 'سوچيندي' لفظ بہ دفعا ڪم آيل آهي. اَهڙي طرح برئڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.**

**(زار زار، آهستي آهستي، هلندي هلندي، پڇندي پڇندي)**

۱) -------- هلندي بہ آخر ڪُمي اَورچائيءَ سان شرط کٽي.

۲) آخر ------ راڄا کي صحيح اڊريس ملي ئي ويئي.

۳) رانديڪو ٽٽڻ ڪري ٻار --------- روئڻ لڳو.

۴) بنا ڏيان ڪري راجيش ------- ڏڪو کاڌو.



مھاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

₹ 30.00

सिंधी (अरे.) सिंधुभारती इयत्ता ८ वी

